SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1972

اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ 49 جي ترميم
Amendment of Section 49 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

3. 1965 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعہ 70 جي ترميم
Amendment of Section 70 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1972

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1972

اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1972

THE WEST PAKISTAN MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1972

[18 مارچ 1972]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي،

هاڻي تنهن ڪري، 25 مارچ 1969 جي مارشل لا لاڳو ڪرڻ جي اعلان موجب، عبوري آئيني حڪم نامي جي روشني ۾ ۽ مٿي ڄاڻايل سمورن اختيارن مطابق سنڌ جي گورنر ۽ زون "D" جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، جنهن کانپوءِ به ان کي مک آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 49 ۾، ذيلي دفعه (2) جي شق (b) لاءِ هي شق هيٺين ريت متبادل ٿيندي، يعني:

1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعه 49 جي ترميم

Amendment of Section 49 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

"(b) ڪا بي اسٽيج ڪيريج پرمٽ جيڪڏهن هجي:

(i) جيڪڏهن درخواست گذار اولهه پاڪستان ٽرانسپورٽرس ميچوئل اسسٽنس ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ لاهور يا سنڌ بس اونرس ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ، حيدرآباد طرفان بيان ڪيل طريقي موجب جاري ڪيل گارنٽي جمع ڪرائي ٿو؛

(ii) اهڙيءَ طرح جاري ڪيل گارنٽي ڪارگر هجي؛ ۽

(iii) اهڙي گارنٽي ختم ناهي ڪئي وئي؛ يا

(iv) درخواست گذار ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي چيئرمين کي مطمئن ڪندڙ سڪيورٽي جمع ڪرائي، جنهن کي ڪا رعايت ڏيڻ لاءِ دورخواست ڪئي وئي آهي ته درخواست گذار کان دفعه 67 جي گنجائشن تحت ادائگي طلب ڪئي وڃي."

3. مک آرڊيننس جي دفعه 70 ۾، ذيلي دفعه (7) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعه شامل ڪئي ويندي، يعني:

1965 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX جي دفعه 70

"(7_A) ڪارپوريشن جي مقصد لاءِ ملازمت تي رکيل سمورا

ماڻهو اهڙي ملازمت جي عرصي دوران پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جو ايڪٽ XLV) جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.”. **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**	جي ترميم Amendment of Section 70 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965